БР
2627
5

NATIONAL ARCHIVES LIBRARY
GOVERNMENT OF INDIA
NEW DELHI.

1082/9/9

Call No.

Accession No. 2627

GIPNLK—7/DAND—5-9-60—15,000

## نوٽ.

مون پنهنجي اڳين ڪتاب ۾ ظاهر ڪيو هئو ته نواب شاه جي هاڻوڪي ڪليڪٽر، مسٽر ڊيوس، ۽ منهنجي وچ ۾ ناسازي آهي، ليڪن اِنهيءَ منجهان اِئين سمجهڻ نه گهرجي ته ڪو مون هن ڪتاب ۾ مسٽر ڊيوس جي روش جي اُپٽار ضد ۽ ساڙ سببان ڪئي آهي. اسانجي ناسازي جو فيصلو اڃا سنڌ سرڪار جي ويچار هيٺ آهي ۽ جيستائين اُهو فيصلو ظاهر نه ٿيو آهي تيستائين مونکي پنهنجي خانگي ڳالهه بنسبت ماٺ آهي. صرف پبلڪ جي اَمن اَمان ۽ انگريزي سلطنت جي سلامتيءَ خاطر مون هن وقت مسٽر ڊيوس جي روش بنسبت مٿيان اکر لکڻ واجب سمجهيا آهن. آءٌ جيڪر اڃان به صبر ۾ رهان ها، ليڪن ”سنڌ آبزرور“ جي واتان مسٽر ڊيوس جي وڏي واڪاڻ ٿيل مونکي مجبور ڪيو ته صافي سچ پڌرو ڪجي جيئن ڪو اجايو ڀرغلائجي نه وڃي. تنهن هوندي به مون نهايت نرمائيءَ کان ڪم ورتو آهي ۽ ڪٿي به جوش نه ڏيکاريو آهي. مون ڪٿي به مبالغو نه ڪيو آهي ۽ نه وري ڪا نقطه چيني ڪئي آهي. مون صرف حقيقتون بيان ڪيون آهن.

مونکان گهڻو وڌيڪ اڳيئي نواب شاه ضلعي جا خود هندو اخبار نويس به مسٽر ڊيوس جي اڻپوري پالسيءَ بنسبت لکي رهيا آهن. اِجهو ”نئوپارت“ اخبار پنهنجي پرچي تاريخ ٢٨ اپريل ١٩٤٠ واري ۾ هينئَ ٿي لکي:- ”ڪليڪٽر مسٽر ڊيوز جيڪو نوابشاه ضلعي جي بدمعاشن ۾ ڌاڪوڙو وڌو آهي، اُنهيءَ قدم جي اسين مرحبا ڪريون ٿا، مگر ڪليڪٽر کي ڏسڻ گهرجي ته جيئن ڪنهن بي گناه کي ڦاسايو يا بي عزتو نه ڪيو وڃي. ڪليڪٽر تازو جو ڪن زميندارن کي زباني نوٽيس ڏنا آهن، تن ۾ ..... به آهن. جن لاءِ ڪيترن اعتراض ورتو آهي ۽ ٢٤ اپريل تي ويهارو زميندارن جي ڊيپوٽيشن به ڪليڪٽر کي گڏجڻ ويئي. سفارت ڪليڪٽر کي ٻڌايو ته اسين ٻيهي زميندارن کي چڱيءَ طرح سڃاڻون، هو اشراف آهن ۽ دشمنيءَ جا شڪار ٿيا آهن. پر ڪليڪٽر نوٽيس وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ تهمتون به ٻڌائي نه سگهيو. ڪليڪٽر جو فرض آهي ته جيئن ته ڪيس ڀرغلايو ويو آهي، تنهنڪري پاڻکي درست ڪري.“ وري ساڳيئي پرچي ۾ هينئَ به لکيو ويو آهي:- ”٩- اپريل تي نواب شاه جي ڪليڪٽر هتي (پڊعيدن ۾) زميندارن جي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ بدمعاشن جي رجوع ڪرڻ لاءِ نالا ورتا ويا. اِنهي موقعي تي ڪليڪٽر ڪن کان ريڊ ڪراس سوسائٽيءَ لاءِ پئسا چڏايا ۽ ڪل سترهن

ڪي سندن برخلاف سچن ڀچن پڪاريندڙن سان مقابلو شايد ڪرايو ڪونه ٿو وڃي، ليڪن هنن جي مٿان مڙيئي ڪهڙن به زميندارن جون شاهديون ڏياريون ٿيون وڃن. هن حالت ۾ ڪري بدمعاشن کي پنهنجي بچاءَ ۾ جڏهن ته پنهنجن دشمنن جي صرف پاڇن سان وڙهڻو ٿو پوي، ۽ پوءِ هو ڪيئن ڇٽي سگهندا؟ مسٽر رضا گنهور رند تي بدمعاشيءَ جي چارج چاڙهي هن کان هلڪو ضامن وٺي هن کي قيد منجهان ڪڍي ڇٽو ڪيو، ليڪن جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ هن ڪيس تي نظر ڦيرائيندي ته بنان شڪ جي گنهور کي بلڪل بي ڏوهي ٺهرائيندي. وري نوشهري تعلقي جي هڪ معتبر بدمعاش، پير غلام حسين، بنسبت هڪڙي وقت هڪڙي وزير صاحب جي اڳيان ڳالهه آئي. هڪڙي ايم. ايل. اي. صاحب ظاهر ڪيو ته اُنهيءَ ماڻهوءَ لاءِ مونکي بچاءَ ۾ شاهدي ڏيڻي هئي، ليڪن مون مسٽر ڊيوس جي ڪورٽ ۾ وڃڻ پسند نه ڪيو جو خوف ڪيم ته ضرور مسٽر ڊيوس منهنجي بي عزتي ڪندو. اُنهيءَ تي مون چيو ته جي ههڙا امير ماڻهو به سچي شاهدي ڏيڻ کان ڊڄندا ته پوءِ غريبن جو ڪهڙو حال ٿيندو! وزير صاحب به وسمهيءَ ۾ پئجي ويو. هي مثال ثابت ڪري ٿو ته ڪيتري قدر مسٽر ڊيوس جي خيالي دٻاءَ جو اثر ماڻهن تي چڙهي ويو آهي جو سچي شاهدي ڏيڻ کان ايم. ايل. اي. معتبر به ڪنبن پيا ٿا. هي سڀ اجايو وهم ويٺل آهي. آءٌ نٿو سمجهان ته مسٽر ڊيوس سچي شاهدي ڏيڻ سببان ڪو ڪنهن کي دٻائيندو. وري تازو هڪڙي بدمعاش نالي جمي دائي جي ڳالهه منهنجي ڏيان تي آئي، جو بدمعاش بدهه منهنجي ڳوٺ جو رهاڪو هئو. هي بدمعاش هڪ ڀڄڙوال پورهيت ماڻهو هئو ۽ وارنٽ نڪرڻ جو ٻڌي ٻار ٻچا ڦٽا ڪري ڀڄي وڃي خيرپور رياست ۾ پناهه ورتي هئائين. هنجي ڀڄي وڃڻ جي ڪري هنجا ٻار ٻچا نهايت تڪليف هيٺ اچي ويا هئا. هي غريب بدمعاش نسوري دشمني سببان ظلم هيٺ پيڙيو تي ويو. مون مسٽر ڊيوس سان هن پاڄوڪڙ بدمعاش جو سمورو احوال اظهار ڪيو. مسٽر ڊيوس مون کي خيال سان ٻڌو ۽ پوءِ ويهي پنهنجي مخفي ڪتابن جا ورق ورائڻ لڳو. آخر پنهنجيون چونپڙيون وائچي مسٽر ڊيوس مونکي چيو تـه هن بدمعاش تي ظاهري طرح مسلمان زميندارن جا اظهار ڏنل آهن، ليڪن ڪي هندو زميندار به هنجي برخلاف مونکي مخفي طرح ڳالهيون ٻڌائي ويا آهن، تنهنڪري هي ماڻهو ضرور بدمعاش هوندو. مون چيس ته چڱو اوهين هن

رشوت حاصل ڪري ٿي. جن سؤن ڄڻن تي وارنٽ نڪتل آهن تن منجهان ويهاري کن کان، چيو وڃي ٿو ته، پوليس رشوت وصول ڪري انهنکي ڀڄائي ڇڏي ٿي. باقي جيڪي اَسي کن بچيا سي جيل اندر اُماڻيا وڃن ٿا. پڪڙيل بدمعاشن کي، ٻڌجي ٿو ته، پوليس چوي ٿي ته جي ڏوهه قبول ڪندؤ ته صاحب هڪ سال سزا ڏيندؤ ۽ جي ٻچاءُ ڏيندؤ تہ صاحب ٻه سال سزا ڏيندؤ. وري پڪڙيل بدمعاشن جي مائٽن کي، ٻڌجي ٿو ته، پوليس چوي ٿي ته جي ڪنهنجو ضامن پوندؤ يا ڪنهن جي ٻچاءَ ۾ شاهدي ڏيندؤ يا ڪو وڪيل آڻيندؤ ته اوهانکي به صاحب بدمعاشيءَ ۾ جيل اندر اُماڻيندو. هن پرچار ۽ دٻاءَ جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو ورلي ڪو بدمعاش مسٽر ڊيوس وٽ پنهنجو ٻچاءُ برابر طرح پيش ٿو ڪري ۽ اڪثر ڪري سڀڪو ڊڄ وچان ڏوهه قبول ڪيو ٿو وڃي. بدمعاشن جي ڪارروائين بنسبت پوري حقيقت ملڻ مشڪل ٿي پئي آهي، جو خود مسٽر ڊيوس پاڻ به شايد نٿو چاهي ته سندس ڪورٽ جي ڪارروائي ڪو ڪٿي ڏسي به. تاريخ ١١ مارچ ١٩٤٠ جي مون پاڻ ناروشاه جي منزل تي مسٽر ڊيوس جي ڪورٽ جو نظارو ڏسڻ گهريو جنهن ڏينهن ڪيئين بدمعاش قبولدار ٿي ٽڪريون سزائون ونيو ٿي ويا، ليڪن مسٽر ڊيوس مونکي چيو ته، " هي بدمعاشن جي ڪارروائي جو ڪم آهي ۽ نه ڪورٽ آهي، تنهنڪري تون هت ويهي نٿو سگهين." وري تاريخ ١٤ اپريل ١٩٤٠ جي منهنجو ڪنڊياري وڃڻ ٿيو، ۽ معلوم ٿيم ته مسٽر ڊيوس جي هڪ چونڊيل بدمعاش کي مسٽر رضا، اسسٽنٽ ڪليڪٽر، صفا ڇڏي ڏنو جو هنجي عمر سورهن سالن کان به گهٽ هئي. هي مثال ڏيکاري ٿو ته ڪيتري قدر مسٽر ڊيوس بدمعاشن تي ڪارروائين ڪرڻ وقت پنيلائجي وڃي ٿو. وري تاريخ ١٥ اپريل ١٩٤٠ جي هڪ بدمعاش نالي گهور رند، عمر جو ارڙهن ورهيه، مسٽر ڊيوس جو چونڊيل، مسٽر رضا وٽ پيش ٿيو. سيٺي زميندار شاهدن قبول ڪيو ته هن بدمعاش بنسبت اسان وٽ ڪا به خاص شڪايت چوري ڪرڻ يا پنگـــ، ونڻ جي ڪڏهين به ڪا نه آيل آهي ۽ نڪو ڪو اسان هنجو نالو مسٽر ڊيوس کي ڏنـــو هئو، ليڪن جيڪا بدمعاشن جي يادداشت مسٽر ڊيوس اسانکي پڙهي ٻڌائي هئي تنهن ۾ هنجو نالو به هئو. هي مثال ڏيکاري ٿو ته مسٽر ڊيوس کي بدمعاشن جا نالا لکائين هڪڙا ٿا ته وري اُنهن تي شاهدي ڏين ٻيا ٿا، يعني ته ڪيس هلائڻ وقت بدمعاشن

سيٺين جي اخبار، ”سنڌ آبزرور“، تازو تاريخ ٢٣ جولائي ١٩٤٠ واري پرچي ۾ مسٽر ڊيوس جي وڏي واکاڻ ڪئي آهي ۽ هنکي بدمعاشن کي باند ڪرڻ ڪري عمدو سرٽيفڪيٽ ڏنو اٿس ته، ”هي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ پاڻ پنهنجي سر وچين ٽن هفتن جانچ ٿو ڪري:- زميندارن کان، پوليس کان، ۽ مختيارڪارن کان. پوءِ هو بدمعاشن کي ٿو پڪڙي.“ وري ”سنڌ آبزرور“ گورنمينٽ کي آگاهه ڪيو آهي ته، ”مسٽر ڊيوس پاڻکي عام پبلڪ وٽ نهايت پيارو ڪيو آهي“، ۽ مٿان ڪو هنکي همٿ لائي. ”سنڌ آبزرور“ جي لکڻ جو نوع ثابت ڪري ٿو ته سنڌس ”عام پبلڪ“ صرف سيٺين سان ٺهيل آهي ۽ اُنهيءَ ۾ ڪو به مسلمان موجود ڪونهي. مسٽر ڊيوس جي اٿمندائي سارهه، ”سنڌ آبزرور“ جي معرفت ٽيل، اشارو ڏئي ٿي ته، ”دال ۾ ڪجهه ڪالا هئي.“ پبلڪ جي بهتري خاطر سڀ ڳالهه جي پڌرائيءَ جي ضرورت آهي، جيئن ڪو اجايو پيدا ٿئي نه وڃي. مسٽر ڊيوس جيڪو طريقو بدمعاشن کي باند ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو آهي سو نه فقط سرڪاري قانون جي ڪجهه خلاف پيو ڏسجي، پر اُنهيءَ منجهان بدامني ۽ بدسلوڪي وڌڻ جو وڏو انديشو پڻ آهي. تحقيق، بدمعاشن کي باند ڪرڻ کان اڳ، مسٽر ڊيوس اُنهن بنسبت مخفي جاچون عملدارن ۽ زميندارن وٽان ڪري ٿو، ليڪن ڪارروائين شروع ڪرڻ ڪانپوءِ هو بدمعاشن کي بچاءَ جو وجهه برابر طرح نٿو ڏئي. هيڪر هو ڪنهن بدمعاش تي وارنٽ ڪڍي ٿو ته پوءِ هو چاهي ٿو ته تڙتڪڙ ۾ هن تي سزا مقرر ڪري ڇڏيان، جيئن پبلڪ ههڙي بدڪار کان جلد ڇٽي پوي. هن جو رواج هن ريت آهي:- هن مخفي جاچون ڪري هڪ ڪاري يادداشت ضلعي جي بدمعاشن جي ٺاهي آهي. هو جتي وڃي ٿو اُتي اُنهيءَ حد جي بدمعاشن جا نالا اُتاهون جي زميندارن کي پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ هنن کان پڇي ٿو ته هي ماڻهو برابر بدمعاش آهن. زميندار اڪثر ڪري، پنهنجي ڪليڪٽر کي خوش ڪرڻ خاطر يا پنهنجين شخصي دشمنين پاڙڻ جي خيال سان قبول ڪن ٿا ته، ”صاحب جيڪي نالا پڙهي ٻڌائي ٿو سي برابر بدمعاش آهن.“ پوءِ پوليس کي حڪم ٿئي ٿو ته زميندارن کان بيان وٺو. بيان وٺڻ بعد وارنٽ نڪرن ٿا. وارنٽ سؤ ڄڻن تي نڪرن ٿا ته پوليس، پڌجي ٿو ته، ظاهر ڪري ٿي ته سوا سؤ ڄڻن تي نڪتا آهن. جن پنجويهن ڄڻن تي وارنٽ نه نڪتل آهن تن کان، چيو وڃي ٿو ته، پوليس



شهيد هاسارام پمناڻي

(سور سهڻيون سالڪن کي، مڇ مهاڻيون مڪيون.)

# لڙائي جو لڙات

# ۽

# ڪانئرن جو ڪوڪات

IMPERIAL RECORD

مصنف

حاجي شاه نواز حاجي جمال الدين پيرزاده

دفعو پهريون ] سال ١٩٤٠ [ جلد ٣٠٠

NATIONAL ARCHIVES LIBRARY
No 2627
Date 25-2-72
GOVT. OF INDIA

قيمت اڌ آنو

سڀ حق واسطا قائم

Govt of Sind Boom of War and Shrieks of Cowards
dt 30.6.41.

# لڙائي جو لڙات
# ۽
# ڪانئرن جو ڪوڪات

مصنف

حاجي شاهنواز حاجي جمال الدين پيرزاده

دفعو پهريون ] سال ١٩٤٠ [ جلد ٣٠٠

قيمت اڌ آنو

سڀ حق واسطا قائم